شبنم گُل

# محبت جي شاعرن ـ جان ڊن ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو تقابلي جائزو

**Abstract:**

*This essay is a comparative study of two poets Shah Abdul Latif Bhitai and John Donne, and highlights the similarities and diversities between their poetical work. Both of these poets lived in the age of political, social and religious unrest.*

*John Donne is a metaphysical poet, which refers to a "beyond physical" approach. Metaphysical poetry is enriched with spiritual philosophy which deals with three subjects such as love, death and religious fervour. Metaphysical poet have used different techniques in their poetry . They use metaphors, conceits and similes to express their ideas differently. On the other hand, Sufi poetry deals with themes such as love, separation and religion. Sufi poets use a wide range of imagery, symbols and comparisons with nature and ordinary life. The difference between Shah and Donne is on the basis of technique and style. John Donne expresses his ideas in a intricate way by giving examples from science, astronomy, mathematics and cosmology while Shah Abdul Bhitai uses skill of language in a simplest and convincing style in such a way that it can move the reader's heart. Both the poets are unique in their art of expression. They depict life from their minute observations. John Donne defines an enigma of love by giving examples. He considers body as a gateway from lovers can enter into a world of souls. In the same way, Shah moves from physical to spiritual love all the while explaining the philosophy of love. He travels from physical love to absolute reality and physical longings turn into divine love.*

*Furthermore, in this essay, terms such as metaphysical , mysticism and Tassawuf have been defined clearly. These three dimensions of thoughts are similar in feelings, ideas and thoughts,  while the difference is the cultural and environmental background. Their techniques are absolutely diverse and unique.  The themes of love, death and religion are same, however, the ways of interpretations are different.*





*Metaphysical poetry is related to philosophy. It is based on realism, logic, observations and analytical approach, while Tassawuf is described in the reflection of religion and spiritualism. The knowledge of Tassawuf is related to intuitive observations which are based on subjective approach relying on  objective knowledge.  Mystic poetry or Sufi thinking deals with unusual themes and comprehensions beyond explicit thinking.*

*Both the poets define love in a different way. In John Donne's poetry, for example, women appear emotionally weak and disloyal while Shah Latif's portrayal of women is admirable. He portrayed women as strong characters who represent the love of soil and kins equally. According to Shah Latif, women are born to share love, faith and consolation among humanity. He represents their characters as brave and courageous and as someone who would never compromise with the wrong and injustice.*

**داخلي** شاعري الهامي ڪيفيت آهي، جنهن مان مراد پاڻمرادو ڪنهن اُتم خيال جو ذهن تي لهڻ يا ڪنهن اڻڏٺل سچ جو ظاهر ٿيڻ، جيڪو منفرد ۽ غير معمولي هجي. ان خيال جون پاڙون لاشعور جي گهرائيءَ مان ڦٽي نڪرن ۽ شاعر جو انوکو تصور ٻاهرين وارتا کي منفرد انداز ۾ پيش ڪري.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري ۽ فڪر، زمان ۽ مڪان جي حد بندين کان مٿانهون آهي. سندس شاعريءَ جا مختلف پهلو آهن، جيڪي پڙهندڙ کي پنهنجي رنگ ۾ رڱي ڇڏين ٿا. ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ڌرتي ۽ ڪائناتي شعور کيس دنيا جي وڏن شاعرن جي صف ۾ اڳيرو ڪري بيهاري ٿو. انگريزي شاعر جان ڊن شاعراڻي رمز توڙي محبت (مجازي/ روحاني) جي اظهار ۾ شاهہ لطيف سان هڪجهڙائي رکي ٿو.

انگريزي ٻوليءَ جو شاعر ۽ مابعد الطبعياتي مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ جان ڊن ٢٢ فروري ١٥٧٢ع ۾ لنڊن ۾ پيدا ٿيو. اسپين مان هن ٻولي، قانون ۽ آرٽ جي مضمونن جو مطالعو ڪيو. ايلزبيٿ دور سان تعلق رکندڙ، جان ڊن جي فني سطح ۽ فڪري اڏام، همعصرن کان مختلف حيثيت رکي ٿي. هن شاعريءَ ۾ يڪسانيت ۽ ورجاءُ کي منتشر ڪندي، نوان تجربا ڪيا. اهو دور ڪيٿولڪ چرچ جو مخالف دور هو. جان ڊن کي مابعد الطبعياتي شاعريءَ جو باني ڪوٺيو وڃي ٿو. اهو اصطلاح سيموئيل جانسن جي ايجاد هئي، جيڪو ارڙهين صديءَ جو مشهور شاعر، مضمون نويس ۽

فلسفي هو. اسان جيڪڏهن ٻنهي شاعرن جي دور جو جائزو وٺنداسين ته سندن دور ۽ ڪن حالتن ۾ هڪجهڙائي نظر ايندي. جنهن دور ۾ جان ڊن اک کولي، اُهو مذهبي توڙي سياسي طور تي انتشار جو دور هو. انگلينڊ ۽ فرانس ۾ جهيڙن ۽ نظرياتي اختلاف سبب باهه ڀڙڪي رهي هئي، پروٽيسٽنٽ ۽ ڪيٿولڪ چرچ ۾ ويڙهه جاري هئي. جان ڊن رومن ڪيٿولڪ فرقي سان تعلق رکندڙ هو ۽ سندس مذهبي عقيدو مضبوط هو. اهي دور جون حالتون هيون، جن سندس فن ۽ فڪر کي اُتساهه بخشيو. هن پنهنجي شاعريءَ وسيلي انفرادي ۽ سماجي تضاد چٽيا.

ٻئي طرف جيڪڏهن شاهه لطيف جي دور جو جائزو وٺنداسين ته اُهو دور سياسي، سماجي ۽ مذهبي طور تي انتشار جو شڪار هو. سندس تعلق مذهبي خاندان سان هو. ”شاهه لطيف جي زندگيءَ جو سمورو دور 'فتوحات' جو دور هو. فاتحن ۽ سندن فوجن انسان ذات کي ڪٿي به سک ۽ آزاديءَ سان ساهه کڻڻ نه ٿي ڏنو. شاهه لطيف جو تعلق سنڌ جي وڏي سياسي گهراڻي سان هو. هن جي ڏاڏاڻن مان ڪيترائي فرد برصغير جي ڪيترن ئي صوبن جا گورنر رهيا. شاهه لطيف جو ڏاڏو سيد مير علي، هرات جو امير ترين ۽ با اثر شخصيت هو. هن جي دنيا جي وڏي فاتح امير تيمور لنگ سان دوستي هئي.“(۱)

شاهه لطيف جو جنم ڀرين رجب ۱۱۰۲ هجري ۲ مارچ ۱۶۹۱ع ۾ ٿيو. ٻنهي شاعرن جي وچ ۾ مني صديءَ جو فرق وجي بيهي ٿو. شاهه جي دور ۾ مذهبي رجعت پرستي ۽ سنڌ تي ٿيندڙ ڪاهون، سياسي، مذهبي ۽ سماجي انتشار عروج تي هئا. اهڙيءَ ريت جان ڊن ۽ شاهه لطيف جي دور جي حالتن ۾ به ڪافي حد تائين هڪجهڙائي نظر اچي ٿي.

يورپ ۾ اُسرندڙ روحاني تحريڪن جهڙوڪ: مسٽيسزم ۽ ميٽافزڪس، ان دور کي نوان فڪري دڳ عطا ڪيا. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته تصوف، مسٽيسزم ۽ ميٽافزيڪل مڪتبه فڪر پاڻ ۾ هڪجهڙائي رکن ٿا يا اُهي هڪ ٻئي کان فڪري ۽ نظرياتي طور تي مختلف آهن. ڏٺو وڃي ته ميٽافزيڪل ٻن لفظن ميٽا ۽ فزيڪل جو مجموعو آهي. ميٽا لفظ جي معنيٰ 'بعد' آهي، جڏهن ته فزيڪل لفظ 'مادي' جي نشاندهي ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ ميٽا فزيڪل فڪر، ظاهري دنيا جي پٺيان لڪل مخفي سچ جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪا غير محسوس ۽ اڻ ڏٺل دنيا آهي.





ٻئي طرف تصوف هڪ جاندار نظريو، فڪري فلسفو وحدت الوجود، ماورائي جماليات ۽ جلالي ڪيفيتن جي چوڌاري ڦري ٿو. جڏهن ته مسٽيسزم جي مذهبي، وجداني مشق، نظريي، اخلاقيات، مذهبي ڏڻ يا جشن طور بيان ڪيو وڃي ٿو، جنهن ۾ روحاني مشاهدو، تجربو ۽ لاشعور جي طاقت ۽ تحرڪ وغيره اچي وڃن ٿا.

جان ڊن، مابعد الطبعياتي فڪر کي شاعريءَ وسيلي بيان ڪيو آهي. مابعد الطبعياتي فڪر جا ٽي بنيادي نڪتا آهن، جن مطابق: اها شاعري عقلي، تجزياتي ۽ نفسياتي محرڪ رکي ٿي، جنهن جا موضوع موت، محبت ۽ مذهبي رياضت تي مشتمل آهن. مابعد الطبعياتي شاعريءَ جون ٻه بنيادي فڪري ڌارائون آهن، جن ۾ محبت ۽ مذهبي شاعري وغيره شامل آهن. جان ڊن شروعاتي دور ۾ محبت جي موضوع تي شاعري ڪئي ۽ عمر جي آخري حصي ۾ مذهبي شعر لکيا. سندس همعصرن ۾ Richard Crashaw, Hennery Vaughan, Abraham Cowley, Thomas Traheme, Andrew Marvell, George Herbert, Robert Herrick, & John Cleveland وغيره شامل آهن. هنن شاعرن وجود، محبت، موت ۽ ڪائنات بابت شاعري ڪئي. اها شاعري ادراڪ ۽ ڏاهپ جي رمز سان ڀرپور هئي. آمريڪا جو شاعر ۽ نقاد T.S. Eliot ميٽا فزيڪل شاعريءَ کي متحد سنجيدگي (Unified Sensibility) جي نالي سان سڏي ٿو. انهن مڙني شاعرن ۾ جان ڊن جا موضوع، موضوعاتي پيشڪش جو انداز، ٻولي ۽ استعارا منفرد آهن.

سترهين صديءَ جي شروعات ۾ انساني جذبن ۽ خيال کي وحدت طور تي ڏٺو ويندو هو، جڏهن ته ان کان اڳي فقط خيال کي اهميت حاصل هئي، جيڪو جذبي ۽ احساس کان وانجهيل هو. پر جڏهن خيال ۾ جذبا ۽ احساس شامل ٿيا ته ان ۾ وسعت ۽ گهرائي آئي.

ميٽا فزيڪل شاعر منفرد ۽ غيرروايتي انداز ۾ تخليق پيش ڪندي خيال جي پيشڪش، ادائيگي ۽ وضاحت تي وڌيڪ ڌيان ڏين ٿا. سندن شاعريءَ جو خيال منجهيل، ڏکيو ۽ حقيقت جي اُبتڙ آهي. هو حقيقت جي ترجماني متضاد ۽ غير ٺهڪندڙ تشبيهن ۽ استعارن وسيلي ڪن ٿا، جن کي مابعد الطبيعاتي تصور/ تشبيهه (Metaphysical Conceit) چيو وڃي ٿو. The Dictionary of literary terms مطابق:

" A fanciful image or startling comparison, the element of conceit must be such that they can enter into a solid union and at the same time, maintain their separate warring indentity."[2]

(اُهو هڪ خيالي تصور يا تشبيھ آهي، ان تشبيھ جو جزو ٿوس ميلاپ جو روپ ڌاري سگهي ۽ ساڳئي وقت پنهنجي الڳ ۽ متضاد شناخت برقرار رکي).

جان ڊن پنهنجي نظم "The sun rising" وسيلي، ميٽا فزيڪل ڪنسيٽ جو انوکو مثال هن ريت پيش ڪري ٿو.

Thy beas, so reverend, and strong,
Why shouldst thou think?
I could eclipse and cloud them with a wink,
But that I would not lose her sight so long.[3]

(تون اهو ڇو ٿي سمجهين تہ تنهنجي روشني دائمي ۽ مقدس آهي.
مان اک ڇنڀ ۾ اهي روشنيءَ جا ڪرڻا وسائي سگهان ٿو.
پر مان اکيون ڇنيڻ نہ ٿو چاهيان.
مان لمحي لاءِ بہ محبوب جو درشن وڃائڻ نہ ٿو گهران..........)

هتي شاهہ لطيف جو شعر بي اختيار ياد اچي ٿو.

اَکِين ۾ تي ويھُ، تہ آئُون واري ڍَڪِيان،
تو ڪي ڏِسِي نہ ڏيھُ، آئُون نہ پَسان ڪِي پِيو.
(شاهواڻي، سُرآسا، داستان ٽيون، بيت ڏهون، ص:١٥٧)

جان ڊن جي شعر ۾ اکيون نہ ڇنيڻ جي چاهنا ۽ شاهہ جي شعر ۾ 'آءُ نہ پسان ڪِي پيو' ۾ ساڳي ڪيفيت جو تسلسل محسوس ٿئي ٿو.

'If her eyes have not blinded thee '

جان ڊن سج کي مخاطب ڪندي چوي ٿو تہ جيڪڏهن منهنجي محبوب جي اکين جي روشنيءَ توکي انڌو نہ ڪيو! جان ڊن لاءِ نباتات جا خزانا ۽ موتي هيرا محبوب جي وجود ۾ موجود آهن.

محبوب لاءِ شاهہ جو تصور ڏسو!

ڪَٽِي نيڻَ خُمارَ مان، جانَ ڪِيائون نازُ نَظَرُ،
سُورِجُ شُاخون جَهڪِيُون، ڪُوماڻو قمَرُ،
تارا ڪَتِيُون تائِبَ ٿِيا، ديکِيندي دِلبَرُ،





جَهڪو ٿِيو جَوهَرُ، جانِبَ جي جَمالَ سين.
(شاهواڻي، سُرڪنيات، داستان پهريون، بيت ١٨، ص:١٣٥)

حقيقت اها آهي تہ مابعد الطبعياتي ۽ صوفي شاعريءَ ۾ موضوعاتي هڪجهڙائي نظر اچي ٿي، پر انهن جو فني گهاڙيٽو ۽ پيشڪش جو انداز بنهہ مختلف آهي. جان ڊن جون تشبيهون سنجيده، ذهانت ڀريون ۽ متضاد آهن. هو پنهنجي هڪ نظم A velediction; forbidding mourning ۾ ٻن پيار ڪندڙ کي پلڪار Compass سان تشبيھ ڏيئي ٿو. جهڙيءَ ريت پلڪار جا ٻہ ڇيڙا الڳ حرڪت ڪندي بہ پنهنجي مرڪز سان ڳنڍيل رهن ٿا.

"ٻئي طرف شاهہ لطيف جا موضوع آفاقي آهن، جيڪي ڌرتي، نباتات، پکين، جانورن، ڪرت توڙي ڪائناتي محاورن، تشبيهن، استعارن ۽ تمثلين سان مالا مال آهن. شاهہ لطيف جيڪي بہ نوان استعارا ۽ تشبيهون وغيره استعمال ڪيون آهن، سي سڀ سنڌ جي مقامي ماحول ۽ سماجي حالتن مطابق آهن. محبوب حقيقي لاءِ هو ويڄ، طبيب، لهار/لوهار، وينجهار، ٺاٺار، صراف وغيره جو استعمال ڪري ٿو تہ مالڪ يا عاشق حقيقي لاءِ پتنگ، وڻجارو، جوڳي، ڪاهوڙي وغيره. انهن کان علاوه سوري، سيج، سمنڊ، ٻيڙي، ناکئا، ڪاپائتي، سُٽ، هنج، ڪنگ، ٻگهہ، ڪونج، مانگرمڇ ۽ شينهن وغيره جو به تشبيهي ۽ استعاراتي استعمال ڪيو اٿس."[٤]

شاهہ لطيف جون ڏنل علامتون ۽ استعارا روزمره جي معاملن، فطري منظرن ۽ لوڪ ڏاهپ مان کنيل آهن. اهي مشاهداتي تشبيهون ۽ استعارا موضوع جي مالها ۾ خيال جي موتين جيان پويل آهن، جيڪي عام ڳالهہ ۾ خاص اشارو ڏين ٿيون.

"هاڻ جيستائين شاهہ لطيف جي فني وسعت جو تعلق آهي تہ فطرت جون ننڍيون ننڍيون ۽ حقير کان حقير شيون پڻ هن جي همدردانہ ڌيان جو مرڪز بڻيون آهن. هو جنهن حسين پيرائي ۾ ڪانگل کي محبوب جو قاصد بنائي ٿو، انهيءَ ساڳي نموني ۾ چنڊ کي پڻ استعمال ڪري ٿو. هو اهڙي مڌر گيتن جو خالق آهي، جنهن جهڙا گيت صدين تائين هن علائقي ۾ نہ ٻڌا ويا هئا. حالانڪ سندس دور جو مقامي ادب يا ان وقت جو ٻيو ادب اهڙي روايت کان خالي آهي. بهرحال اهو سڀ ڪجهہ سندس ذاتي تجربي ۽ مشاهدي جي ڪري ممڪن هو، ڇا لاءِ تہ هو سڄيون راتيون ويهي اوجاڳا ڪندو هو. هو پنهنجي شاعريءَ ۾ ملاحن، ڪاتارين، هارين، شهزادن، سيني کي ساڳيءَ سهوليت ۽

واقفيت سان بيان ڪري ٿو. هو انهن جي ٻولي ۽ محاورن ۾ ايڏي پختي انداز سان ڳالهائي ٿو، جو ائين ڄڻ ته هو پاڻ سندن طبقي سان واسطو رکي ٿو.“[۵]

شاهه لطيف جي شاعري عام ماڻهن جي زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿي، پر ان ۾ معنيٰ ۽ مقصديت جو عنصر نمايان طور موجود آهي. ٻئي طرف اهي شعر، عام ماڻهن جي ڏکن، محرومين ۽ پيڙائن جو ڪٿارسس پڻ آهن. شعرن ۾ پنهنجي زندگيءَ جو عڪس پسي پڙهندڙ کي جذباتي سڦلتا حاصل ٿئي ٿي.

ٻئي شاعر محبت جي جذبي جي مختلف انداز ۾ ترجماني ڪن ٿا. جان ڊن پنهنجي نظم نظم A velediction: of weeping ۾ انوکي تشبيهه هن ريت ڏئي ٿو.

Let me pourforth,
My tears before thy face, whilst I stay here,
For thy face coins them, and thy stamp they bear.[6]

(مون کي لڙڪ لاڙڻ ڏي،
منهنجي لڙڪن ۾ تنهنجي چهري جو تصور آهي،
شاهي سڪي جي مهُر جيان،
منهنجي لڙڪن تي تنهنجي محبت جي مهر لڳل آهي).

شاعر سڪي ۽ لڙڪن ۾ هڪجهڙائي بيان ڪري ٿو، ٻنهي ۾ قيمتي هئڻ جي هڪجهڙائي ملي ٿي. ٻنهي مان ڪجهه حاصل ڪري سگهجي ٿو، جئين سڪي مان شيون خريد ڪري سگهجن ٿيون. ساڳيءَ ريت لڙڪن وسيلي محبوب جي توجهه ۽ همدردي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

جان ڊن تشبيهون ۽ استعارا فلسفي، فلڪيات، رياضي ۽ ٻين علمن مان ورتا آهن. ميٽافزڪس، فلسفي جي شاخ آهي، جڏهن ته تصوف مذهب ۽ روحانيت سان تعلق رکي ٿو. ميٽا فزيڪل ۽ مسٽڪ شاعريءَ جي پهچ، ورتاءُ ۽ فني گهاڙيٽو مختلف آهن. مابعد الطبعياتي مڪتبہ فڪر حقيقت، منطق، مشاهداتي ۽ تجرباتي پهچ رکن ٿا، جڏهن ته تصوف جي ڄاڻ وجداني قوت وسيلي حاصل ٿئي ٿي، جنهن ۾ باطني ۽ خارجي ٻئي محرڪ شامل آهن پر باطني لاڙو وڌيڪ اهميت جو حامل آهي. روحانيت (Spirituality) ۽ مذهبي عقيدو (Spiritualism) ٻہ مختلف مڪتبہ فڪر آهن. روحانيت هڪ وسيع ٽرمنالوجي آهي، جيڪا مذهب جي محتاج نہ آهي. البتہ مذهبي عقيدي جي بنياد، لاڙا ۽ محرڪ الڳ آهن. مسٽڪ يا صوفي انهن ڳجهين ۽ غير معمولي وارتائن





جي ڳالهه ڪن ٿا، جيڪي عام سمجهه کان مٿانهيون آهن، ڇو ته جيستائين ٻن ماڻهن جو ساڳيو مشاهدو نہ هوندو، ان وقت تائين اُها ڳالهه سمجهه ۾ نہ ايندي. مسٽڪ يا صوفي داخلي سفر وسيلي دائمي سچ ۽ معرفت تائين پهچن ٿا. جڏهن ته مابعد الطبعياتي فڪر، خارجي مشاهدي مان نتيجا ڪڍي، ان کي باطن سان هم آهنگ ڪن ٿا ۽ تخليق جو جوهر سامهون اچي ٿو.

تصوف جيئن تہ نظرياتي طريقہ ڪار ۽ حڪمت عملي جوڙي ٿو. ڪي مفڪر تصوف کي شريعت کان مٿانهون سمجهن ٿا، پر تصوف جا مسلڪ يا طريقا جهڙوڪ سهرورديہ، قادريہ، چشتيہ، نقشبندي، اويسي وغيره عبادت جا طريقا، روحاني رمزون، ڪشف، ڪرامتون ۽ الهامي ڪيفيتون وغيره مذهب کان ڪنهن طور پري نہ آهن. مسٽڪ، صوفي يا مابعد الطبعياتي شاعر موضوعاتي طور تي زندگي ۽ ڪائناتي شعور جي ويجهو هوندي بہ سماجي، ماحولياتي، ارضياتي ۽ ثقافتي طور تي مختلف مشاهدن ۽ تجربن مان گذرن ٿا.

”صوفياڻي روح جون ٿيئي دلي خواهشون هڪ سير ۽ سفر ڪرڻ، ٻيو دل سان دل ملڻ ۽ وصل واري سڪون جي حاصلات ۽ ٽين ڪمال کي پهچڻ، انهن ٽيني جا مثال شاهه عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ ملي سگهن ٿا.“[۷]

شاهه لطيف ۽ جان ڊن پنهنجي شاعريءَ وسيلي، عورت کي مختلف انداز ۾ چٽيو آهي. جان ڊن عورت کي خامين سان ڀرپور هستيءَ طور ڏيکاري ٿو، جڏهن تہ شاهه لطيف عورت کي ذهني ۽ جذباتي طور تي سگهاري ڪردار طور پيش ڪيو آهي. سهڻي هڪ شادي شده عورت هوندي بہ ميهار سان عشق ڪري ٿي، پر شاهه لطيف ڪيس بي وفا عورت طور پيش ڪرڻ بدران محبت ۾ اڏول ۽ بي خوف ڏيکاريو آهي.

ڪِين تَران، ڪِين تارِ مون، ڪِين سَگهان ڪِين سَگهُہ،
آڏو ڏيج مَ لَڳُ، مون هيڪَلِيَ، وَلهَا!

(شاهواڻي، سُر سهڻي، داستان نائون، بيت: ۱۹، ص: ۲٦۹)

شاهه لطيف وٽ عورت لاءِ جان ڊن جي روايتي تصور کان هٽي منفرد تصور پيش ڪيو آهي. شاهه جي سورميءَ کي ظاهري جمال کان وڌيڪ محبوب جي سچائي ۽ سورهيائي ٿي موهي. شاهه لطيف عورت جي ڪمزورين کي ٽوڪ يا چٿر جو نشانو نہ

بڻايو ويو آهي.

پر عورت جي ڪردار جي حوالي سان جان ڊن وٽ شاعراڻي بيان ۾ طنزيہ لهجو ملي ٿو. پنهنجي نظم Go and catch a falling star ۾ چوي ٿو:

Ride ten thousand days and nights,
Till age snow white hairs in thee,
Thou, when thou return'st, wilt tell me,
All strang wonders that befell thee,
And swear,
No where
Lives a woman true, and fair. [8]

(ڏهہ هزار ڏينهن ۽ راتين جي ڳولا ۾،
ماٺهو پوڙهو ٿي وڃي،
سندس وار اڇا ٿي وڃن،
جڏهن هو سفر کان واپس وري،
هر قسم جي آڪاڻين سميت،
جادوئي شيون جيڪي هن ڏٺيون،
پر هو قسم کڻي ٻڌائيندو،
تہ انهن سمورين ڪهاڻين ۾ هن،
هڪ بہ خوبصورت ۽ وفادار عورت نہ ڏٺي!)

پر شاهہ لطيف جي نظر ۾ عورت خوبصورت ۽ جذباتي سگهہ عطا ڪندڙ هستي آهي، عورت ڌرتي، ڪٽنب يا محبوب سان محبت ڪري ٿي تہ ان ۾ سچائي ۽ شدت جو عنصر نمايان آهي.

مَحَبَتَ جَنِ جي مَنَ ۾، تَنِ تَشنَگِي تارِ،
پِي پِيالو اُڃَ جو، اُڃَ سِين اُڃَ اُتِيارِ،
پُنهُون پاڻَ پِيارِ، تہ اُڃَ سين اُڃَ اُجهائِيان.

(شاهواڻي، سُر سسئي آبري، داستان پهريون، بيت پنجون، ص: ٢٨٤)

عورت جي اندر سڪ جو سمنڊ ٿو ڇلي، هوءَ احساس ونڊڻ جو هنر رکي ٿي، روح جي آٿت ۽ اوسيئڙي جي علامت آهي. عورتن جا اڏول ڪردار مارئي هجي يا سسئي، سهڻي هجي يا مومل هر ڪردار پنهنجي ڏکن ۽ پيڙائن ۾ نرالو محسوس ٿئي ٿو.





ٻنهي شاعرن جو محبت ڏانهن رويو ڪٿي هڪجهڙو نظر اچي ٿو تہ ڪٿي مخالف رستن تي سفر ڪندي ملي ٿو. جان ڊن پنهنجي مشهور نظم 'The Ecstasy'، ۾ محبت جي حوالي سان هڪ الڳ نقطہ نگاهہ سان پيش ڪري ٿو.

Love's mysteries in soul do grow,
But yet body is his book. [9]

(پيار جا اسرار روح ۾ وڌن ويجهن ٿا
پر پوءِ بہ جسم ئي ان جو محور آهي).

جان ڊن محبت ۾ جسم جي اهميت کان آگاهہ آهي، هو جسم کي دروازي وانگر سمجهي ٿو، جنهن وسيلي روح جي دنيا ۾ داخل ٿي سگهجي ٿو. جسم ڪشش جو مرڪز تہ روح احساس جي سڦلتا کي ماڻڻ جو ذريعو آهي. روح جي ميلاپ بنان محبت بي فيض رهجي وڃي ٿي.

شاهہ لطيف وٽ جيڪو محبت جو تصور آهي، ان کي شارحن، روحاني طور پيش ڪيو آهي. شاهہ لطيف بہ واضع طور تي محبت جو اظهار ڪرڻ دوران، اشارن ۽ استعارن ۾ بيان ڪيو آهي. جڏهن تہ محبت جي اظهار ۾ جيڪا بي باڪي روميءَ وٽ آهي، اُها شاهہ لطيف وٽ نہ ٿي ملي.

شاهہ لطيف فرمائي ٿو:

پَرَ وَسِ تِيُمِ پراڻُ، پِرِين وَسِ نہ پانهنجي،
لَڳو ڪيئن، لَطِيفُ چي، چَپَرُ چاتِيءَ ساڻُ!
پِرين ڏيکاري پاڻُ، خُوشِ ڪَرِي وِيا خوابَ ۾.

(شاهواڻي، سُر بروو، داستان پهريون، بيت پنجون، ص:٦٣٧)

ٻين لفظن ۾ پرينءَ جي حقيقت پائڻ مشڪل مرحلو آهي، جنهن جي جهلڪ فقط خواب ۾ پسي سگهجي ٿي. مجازي محبت، هئيت جي تبديلي (Metamorphosis) جو وسيلو آهي. شاهہ لطيف وٽ محبت جو جيڪو تصور آهي، ان ۾ پائڻ کان وڌيڪ وڃائڻ ۾ وڌيڪ لطف محسوس ٿئي ٿو. هو 'ڳوليان ڳوليان مَ لهان' جي ڳالهہ ڪري ٿو، ڇو تہ نفسياتي نقطہ نگاهہ کان، انسان وٽ ڪنهن بہ حاصلات کان پوءِ ان شيءِ جي ساڳي اهميت قائم نہ ٿي رهي. شاهہ لطيف انساني نفسيات جو سنو ڄاڻو هو. انسان وٽ حاصلات کان وڌيڪ غيرموجود شيءِ جي وڌيڪ اهيمت آهي. ٻين لفظن ۾ پائڻ کان

سواءِ ساڳي سڪ، اُڪير، طلب ۽ ڏيان قائم نہ ٿا رهي سگهن.

ميٽافزيڪل شاعريءَ جو اهم جزو محبت آهي ۽ ساڳيءَ ريت تصوف ۾ پڻ محبت زندگيءَ جي نيوڪليس جيان آهي، پر محبت ڏانهن ٻنهي شاعرن جو رويو الڳ آهي. اهو فرق سماجي، ثقافتي ۽ انفرادي سوچ جو آهي، شاهہ لطيف لاءِ محبت هڪ اُتم جذبو آهي، جيڪو انسان کي شعوري طور متحرڪ رکي ٿو، جنهن کان پوءِ هو انهي سچ کي پروڙي سگهي ٿو. جڏهن تہ جان ڊن وٽ محبت جو تصور جسماني تقاضا کان مٿانهون نہ آهي. جسم جي اهميت روح وانگر ئي آهي. هو شاديءَ کانپوءِ پيار جي تعلق Extra Marital Relationship کي برو نہ ٿو سمجهي. هر عورت کي سطحي ۽ تضاد جو مجموعو سمجهي ٿو، پر شاهہ لطيف جي نظر ۾ عورت مقدس هستي آهي، جيڪا فطرت جيان زرخيز ۽ پناهہ ڏيندڙ آهي. هو عورت جي ايثار، سهپ، احساس جي نرمي، ڏک سور ونڊڻ جي هنر، محبت جي شدت، ڌرتيءَ جي اُڪير، اباڻن جي سڪ کان چڱيءَ طرح واقف آهي. عورت جو تصور، ادراڪ ۽ ثابت قدمي جو ڪير بہ مقابلو نہ ٿو ڪري سگهي. اهي ڪيفيتون هن شعر مان صاف ظاهر آهن:

پُڇَنِ سي پَسَنِ، جَڏهن تَڏهن پِرينءَ کي،
ڏورِينديُون ڏِسَنِ، اَڱڻَ عَجِيبَنِ جا.

(شاهواڻي، سُر حسيني، داستان ستون، بيت پهريون، ص:۴٦۰)

عورت ڏکن جي ورثي جي اڪيلي وارث آهي. عورت جي اکين جا لڙڪ سندس روح کي زرخيز بڻائين ٿا. در حقيقت انساني جسم پڃري مثل آهي، پر احساس آزاد پکيءَ وانگر تصور جي آسمان کي ڇُهڻ گهري ٿو، احساس ۽ آدرش لافاني آهن.

ٻنهي شاعرن وٽ احساس جي وسعت، خيال جي سونهن ۽ جذبي جي قوت آهي، پر شاهہ لطيف جا مثال، اشارا ڪنايا، تشبيهون ۽ خيال جي پيشڪش جو انداز نرالو ۽ وڌيڪ مؤثر آهي. زمين کان آسمان تائين هو هر شيءِ جو ڳوڙهو مشاهدو ڪري ٿو، جيڪو سندس پرک واري اک ۾ جذب ٿي خوبصورت تخليق طور سامهون اچي ٿو.





# حوالا


۱. يوسف شاهين، ’شاهہ لطيف آزاديءَ جو علمبردار‘، ڇاپو ٻيو، پيڪاڪ پرنٽرس اينڊ پبلشرز، سنڌ، ۲۰۱٦ع، ص: ۲۵.

2. Syed, Shahid Hussain, “The Dictionary of Literary terms” kitab Muhal urdu Bazar, Lahore Page: 217.

3. www. Poetry foundation- ors/poems/44129/ The-sun-rising.

۴. ڊاڪٽر ڪلثوم شاهہ، ”شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعارا ۽ تشبيهہ جو تحقيقي جائزو“ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ۱.۱.۲۰۰۴ ص: ۱۵۴.

۵. علامہ آءِ آءِ قاضي، شاهہ جي شاعري ۾ عالمي فني قدر، سهڙيندڙ: آفتاب ابڙو، شاهہ لطيف عظيم مفڪر، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، پهريون ڇاپو ۱۹۹۳ع، ٻيو ڇاپو، ۲۰۰۵ع، ص: ۲۷.

6. www. Poetry foundation.org/poems/44132/a-valediction-of-weeping.

۷. ايڇ. ٽي. سورلي. مضمون، 'تصوف جو فلسفو ۽ شاهہ عبداللطيف'، ڪتاب شاهہ لطيف عظيم مفڪر، سهيڙيندڙ: آفتاب ابڙو، ۱۹۹۳ع/۲۰۰۵ع، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ص: ۵۵.

8. www. Poetry foundation- ors/poems/44127/Song-go-and-catch a-falling- star.

9. www. Poetry foundation- org/poems/44099/The-ecstasy.


**نوٽ:** هن مقالي ۾، سمورا بيت غلام محمد شاهواڻي جي 2005ع واري شاهہ جي رسالي مان ورتا ويا آهن.